Sociology & Cultural Research Review (SCRR)
Available Online: https://scrrjournal.com
Print ISSN: 3007-3103 Online ISSN: 3007-3111
Platform & Workflow by: Open Journal Systems
https://doi.org/10.5281/zenodo.19859945

# A Comparative Linguistic Sketch of Sindhi and Persian Languages

## سنڌي ۽ فارسي ٻولين جو مختصر تقابلي لسانياتي خاڪو

**Dr. Abdul Waheed**
Associate Professor (Sindhi), Govt. College of Education, Sukkur
waheedkalwar@outlook.com

**Abstract**
*Sindhi and Persian belong to two different branches, i.e., Indo-Iranian and Indo-Aryan, of the Indo-European language family. Persian has long historical, political, cultural, and linguistic contact with Sindhi in Sindh. It has remained prevalent during different periods, in administration, judiciary, education, literature, and other domains. Persian has had historical linguistic contact with various South Asian languages such as Urdu, Hindi, Punjabi, Saraiki, Pashto, Balochi, and Bengali, as well as Sindhi. Along with linguistic contact, political, cultural, and literary relations have a long history. The period, from the rule of the Ghaznavid dynasty in Sindh (1026 AD) to the early period of the British era (1843 AD - 1853 AD), and then the establishment of Pakistan, Urdu is directly or indirectly related to it, covering almost nine centuries. This research paper presents a brief comparative linguistic sketch of Persian and Sindhi languages. The purpose of the study was to highlight the linguistic commonalities and differences between the two languages. Hope, the native Sindhi speakers, especially students of different levels, will be the prime beneficiaries of this study. For this study, the content analysis method was applied to written linguistic structures, i.e., phonetic sketch, descriptive morphology, syntax, and lexicon of the two languages. Analytical results clearly reveal that the two languages, with resulting historical language contact and interference, have many linguistic similarities. Whereas they exhibit differences, too. In conclusion, in Persian and Sindhi, the amount of linguistic similarity and difference is almost the same.*

***Keywords***: *Sindhi, Farsi, Comparative Linguistics, Phonetics, Morphology, Syntax, Language Contact, Interference.*

## 1. تعارف (Introduction)

سنڌي ۽ فارسي ”انڊو يوروپين“ لساني خاندان جي ٻن ضمني شاخن، ترتيبوار انڊو آرين ۽ انڊو يوروپين سان تعلق رکندڙ ٻوليون آهن. (Ethnologue, 2017) موجب، سنڌيءَ جو”دنيا جي 7009 ڄاتل زنده زبانن مان پهرين پنجاهه زبانن ۾ شمار آهي.“ جڏهن ته فارسي ايشيا جي اوڀاري ۽ مرڪزي خطي جي اهم گهڻ مرڪزي ٻولي (Polycentric Language) آهي. هن مقالي ۾ ٻنهي ٻولين جي لسانياتي پيٽ ڪري تجزياتي حقيقتون سامهون آنديون ويون آهن.انهيءَ سان ڄاڻايل ٻولين جي لسانياتي ڍانچي جي نوعيت سان گڏ، انهن جي وچ ۾ اختلاف ۽ اشتراڪ جي سُڌ پوندي.

فارسي وڏي عرصي تائين دنيا جي اوڀارين حصن توڙي ڏکڻ ايشيا جي لِنگوافرينڪا ۽ ڪيترن ئي شهنشاهتن جي سرڪاري ۽ ثقافتي زبان رهي چڪي آهي. ان جو ڏکڻ ايشيا جي مختلف ٻولين جهڙوڪ؛ اردو، هندي، پنجابي، سرائيڪي، پشتو، بلوچي ۽ بنگالي وغيره کان سواءِ سنڌيءَ سان به تاريخي لساني رابطو رهيو آهي. سنڌيءَ جو فارسيءَ سان سياسي، ثقافتي ۽ ادبي تعلق ۽ لساني رابطو ڊگهي تاريخ رکي ٿو. جنهن جو عرصو، سنڌ ۾ غزنوي خاندان جي حڪومت (1026ع) کان انگريز دور جي ابتدائي عرصي(1843ع _ 1853ع) تائين، ۽ پوءِ پاڪستان جي قيام کا وٺي اردوءَ

معرفت، سڌي يا اڻ سڌي طرح لڳ ڀڳ نَوَ صدين تي ٻڌل آهي. انهيءَ ڊگهي عرصي دوران سنڌيءَ تي فارسيءَ جو گهرو اثر ٿيو. چڱي پيماني تي لفظ ۽ ٻيو لساني مواد اڌاريو ويو. خاص ڪري فارسي اڌاريل لفظن جو وڏو انگ سنڌ ۾ فارسيءَ جي مقبوليت جي وقت ڏانهنس لساني مُعتبرائپ جي نفسياتي لاڙي ۽ معنوي خال جي پورائي جي ضرورت ڪارڻ داخل ٿيو. اهو گهڻي ڀاڱي فارسيءَ جي دَري محاوري (افغاني فارسي) مان مجيو وڃي ٿو، ڇو جو سنڌ ڏانهن مختلف تاريخي دورن ۾ حملا آور (ارغون، ترخان ۽ مغل) توڙي ٻيا جن سان سنڌي ڳالهائيندڙن جو ميل جول ٿيو، سي اڪثر انهيءَ محاوري سان تعلق رکندڙ هئا. لفظي ذخيري سان گڏ ڪجھ صوتي، صرفي ۽ نحوي اثر به ٿيو. جيتوڻيڪ فارسيءَ سان سنڌيءَ جي سڌي لساني رابطي جو باب بند ٿي چڪو پر صدين جي عرصي دوران آيل اهڙا سوين فارسي اڌاريل لفظ هاڻ سنڌي لفظي ذخيري جو اهم جُز آهن. سنڌيءَ ۾ اهڙي لِساني مداخلت تاريخي دور ۾ واقع ٿي، جڏهن ته پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌيءَ جو فارسي زده اردوءَ سان ميل جول وڌي وڃڻ جي ڪري اُن معرفت اڻ سِڌي لفظي اڌارڻ جوسلسلو ٻيهر شروع ٿيو آهي.

## 2. اڳ ٿيل ڪم جو جائزو (Related literature review)

هن کان اڳ فارسي ۽ سنڌي ٻولين جي وچ ۾ لساني رابطي ۽ لسانياتي مداخلت (Linguistic Interference) جي حوالي کان ڪجهه ڪم ٿيو آهي، تنهن ۾ مرزا قليچ بيگ (1900)، آڏواڻي پيرومل (1972)، سيوهاڻي (1969)، بلوچ (1962) ۽ الانا (2006) جي ڪتابن ۾ ضمني طرح مواد موجود آهي. ادبي سنڌيءَ تي فارسي اثر جي حوالي کان جوڻيجي عبدالجبار (1980) جو ڪم اهم آهي. جڏهن ته ٻنهي ٻولين جي لسانياتي تقابل تي اڳ ڪو خاص ڪم پڌرو ڪونه ٿيو آهي.

## 3. طريقي ڪار (Research Methodology)

هن اڀياس ۾ سنڌي ۽ فارسيءَ جي لسانياتي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ ”موادي تجزيي“ جي طريقي سان ٻنهي ٻولين جي لسانياتي ڍانچي يعني، صوتياتي خاڪي، تشريحي صرفيات و نحويات (گرامر) ۽ لغات متعلق تحريري مواد جو خاصيتي تجزيو ڪري منجهن اختلافن ۽ اشتراڪ جي بنياد تي نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

## 4. تجزياتي حقيقتون (Findings)

هن حصي ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي لسانياتي تقابل مان هٿ ڪيل تجزياتي حقيقتون مکيه طور ٽن حصن ۾ ورهائي پيش ڪجن ٿيون ؛ 1. صوتيات 2. صرفيات 3. نحويات .

### 4.1 صوتيات

فارسي گهڻي ڀاڱي وينجن پڇاڙيءَ واري يا ساڪن لاخر ، جڏهن ته سنڌي ڪليل پدن واري يا سُر پڇاڙي رکندڙ، متحرڪ آخر زبان آهي. فارسيءَ ۾ ڪل اوٽيهه صوتيا آهن؛ ڇهه سُرَ ۽ ٽيويهه وينجن. سنڌيءَ ۾ ايڪونجاهه صوتيا آهن؛ ڏهه سُرَ ۽ ايڪيتاليهه وينجن. سواءِ (ز) جي باقي سمورا ويجن صوتيا سنڌيءَ ۾ موجود آهن. جڏهن ته سنڌيءَ جا اوڻيهه وينجن صوتيا (ڀ، ٺ، ٿ، ڦ، ڌ، ڍ، ڊ، جهه، ڇ، گهه، ٻ، ڳ، ڏ، ڃ، ڻ، ڱ، ڄ ۽ ڙ) فارسيءَ ۾ ڪونهن! عام ڳالهايل سنڌيءَ ۾ عام طور فارسيءَ جي “خ” کي “ڪ” اچاريو ويندو آهي.

### 4.2 صرفيات

4.2.1 اسم: فارسيءَ ۾ اسم عدد ۽ حالت ته رکن ٿا پر انهن جي ڪا گرامري جنس ڪونهي. سنڌيءَ ۾ اسمن جون ٻه جنسون، ٻه عدد ۽ ٽي حالتون آهن جن کي گرداني پڇاڙين ذريعي ظاهر ڪيو وڃي ٿو.

4.2.2 ضمير: فارسي ضمير حذف ڪندڙ ٻولي آهي. ان ۾ خالص ضمير اختياري ٿين ٿا. اهي جنس ۾ تبديل نه ٿا ٿين ۽ عام طور سيني حالتن لاءِ ساڳيا هوندا آهن (لغاري ۽ بلتستاني I .2009. ص. 41). ٻئي پاسي سنڌي ٻولي ضميرن جا ڇهه مختلف قسم رکي ٿي جيڪي جنس، عدد ۽ حالت ۾ ڦرن ٿا. ان کان سواءِ ان ۾ ضميري پڇاڙيون به ٿين ٿيون جيڪي فعل، اسم ۽ حرف جري لفظن سان لڳائي ضميرن جي متبادل طور استعمال ڪيون وڃن ٿيون.

4.2.3 صفت: فارسي صفتون بناوٽي لحاظ کان ساديون، مشتق ۽ مرڪب قسمن جون آهن پر انهن جو گردان نه ٿو ٿئي، جڏهن ته سنڌي ۾ اڻ گرداني صفتن کان سواءِ گرداني صفتون به آهن جيڪي اسم جيان عدد، جنس ۽ حالت ۾ ڦرن ٿيون.

4.2.4 فعل: فارسيءَ ۾ فعل زمان ۽ حالت کي ظاهر ڪن ٿا ۽ اهي فاعل سان صيغي ۽ عدد ۾ ساڳيائپ پڻ ظاهر ڪن ٿا. سندس گردان زمان کان علاوه جنس، عدد ۽ حالت ۾ به ٿئي ٿو (ص.52). سنڌيءَ ۾ فعل ڪم جي طرز، زمان، جنس، عدد ۽ فاعل، مفعول هئڻ کي ظاهر ڪن ٿا.

فعلي نسبتون: ٻنهي ٻولين ۾ فعل جون ٻه نسبتون (voices) آهن ؛ معروف ۽ مجهول.

فعلي بناوٽ: ٻنهي ٻولين ۾ مرڪب فعل يا فعلي اسم ٺاهڻ جو هڪ طريقو هڪ جهڙو آهي. جيئن؛ فارسيءَ ۾ فراموش ڪردن، صحبت ڪردن، ٽيلي فون ڪردن وغيره. ساڳي نموني سنڌيءَ ۾ اسم يا صفت وغيره سان اسم "ڪرڻ" (يا هئڻ، ٿيڻ وغيره) لڳائي فعلي اسم ٺاهيا ويندا آهن جيئن؛ ڪم ڪرڻ، تڪڙ ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ /هئڻ وغيره.

فعلي واسطا: فارسيءَ ۾ فعلي واسطا مفقود آهن ( بخاري.1991 )، جڏهن ته سنڌي ۾ اهي چار آهن؛ بلاواسط لازمي، بلاواسطه متعدي، بالواسطه متعدي ۽ ٻٽو بالواسطه. جئين؛ لڪڻ، لڪائڻ، لڪرائڻ لڪارائڻ وغيره.

4.2.5 حرف جر: فارسيءَ ۾ اڪثر حرف جر يڪ لفظي ۽ اڻ گرداني آهن. جهڙوڪ؛ اندر، از، با، بر، براءِ، به، بي، در، مثل وغيره. سنڌيءَ ۾ مرڪبن کان سواءِ اڪثر حرف جَر يڪ لفظي ۽ "جو" کان سواءِ باقي سڀ اڻ گرداني آهن.

4.2.6 حرف جملو: فارسي ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين ۾ اهڙا لفظ اڻ گرداني، بناوٽي طرح ساده ۽ مرڪب قسمن جا ٿين ٿا. مثال طور فارسيءَ جا؛ اگر، مگر، هرچند وغيره. ۽ سنڌيءَ ۾؛ پر، يا، ۽، جيتوڻيڪ وغيره.

## لغات (Vocabulary)

جديد فارسيءَ جي بنيادي لغت پروٽوپَرشن ۽ وچين دور جي فارسي اصليت واري آهي. ان کان علاوه منجهس جوڳو تعداد عربي اڌاريل لفظن جو به شامل آهي، جيڪي فارسي زده ٿي پيا آهن (www.vikipedia.com/farsi). جڏهن ته سنڌيءَ جي بنيادي لغت ۽ ديسي لفظي ذخيرو پنهنجي بنياد ۾ سنسڪرت اصليت وارو آهي. ان کان علاوه هندي، فارسي، عربي ۽ انگريزي وغيره مان اڌاريل لفظن جو به وڏو تعداد منجهس شامل آهي.

## 4.2.7 لفظي بناوٽ (Word formation)

فارسي زبان اسم، صفت ۽ فعل ٽُڙن مان نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ اشتقاقي (Derivation)، پدائتي (Agglutination) ۽ ترڪيبي (Compounding) ذريعن کان ڪم وٺي ٿي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ انهن ذريعن کان علاوه گرداني بناوٽ (Inflection) به ٿئي ٿي. جوڙ نشانيون ٻنهي ٻولين ۾ لفظن جو عام حصو آهن. انهن ذريعي نوان اسم ۽ صفت لفظ ٺاهي سگهجن ٿا. سنڌيءَ ۾ ته ٻين مشتق جوڙنشانين کان علاوه

فارسيءَ جون به ڪجهه اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون جهڙوڪ؛ با، بد، دار، دان، مند وغيره فارسي اصل توڙي سنڌي لفظن سان استعمال ڪيون وڃن ٿيون.

## 4.3 نحويات

4.3.1 لفظي ترتيب: هونءَ ته فارسي ۽ سنڌي ٻئي ٻوليون S.O.V يعني، فاعل، مفعول ۽ فعل واري لفظي ترتيب رکندڙ آهن پر فارسيءَ ۾ عام بياني جملا، فاعل+حرف جري فقرو+مفعول+فعل (SPPOV) بناوٽ وارا ٿين ٿا. يعني، اها فاعل ڪان پوءِ ۽ مفعول ڪان اڳ حرف جري فقرا استعمال ڪري ٿي جيڪي سنڌيءَ سميت ٻين ڪيترن SOV ٻولين ۾ عام نه آهن. البت ٻنهي ٻولين ۾ فعل آخر ۾ اچي ٿو. ان عام لفظي ترتيب ڪان علاوه ٻنهي ۾ آزاد لفظي ترتيب به ٿي سگهي ٿي.

4.3.2 صفت جي بيهڪ: فارسيءَ ۾ عام طور صفت ان جي موصوف ڪان پوءِ اچي ٿي ۽ سنڌيءَ ۾ پهريان ايندي آهي. جيئن؛گل زيبا=سهڻو گل، ڪتاب ِمن=منهنجو ڪتاب وغيره. ٻنهي ٻولين جي مشتق ۽ مرڪبن ۾ صفت پنهنجي موصوف ڪان پهريان اچي ٿي. جئين فارسيءَ ۾؛ خوش بخت، بدڪار وغيره. ۽ سنڌيءَ ۾؛ امير ماڻهو، ٻگهي چوڪري وغيره.

4.3.3 صفت جي پيٽ: فارسي ۾ صفت تفصيل ۽ صفت مبالغو بنائڻ لاءِ صفتي پڇاڙيون (تر، ترين) استعمال ٿينديون آهن. جيئن؛ "زبانِ فارسي از زبان چيني آسان اَست" (فارسي ٻولي چيني ٻوليءَ ڪان سولي آهي)، جڏهن ته سنڌيءَ ۾ ان لاءِ حرف جر (ڪان، سڀ ڪان) استعمال ڪبا آهن. يعني صفتي پيٽ جي حوالي ڪان فارسيءَ جي بناوٽ سنڌي ۽ هندي-اردو جي به برخلاف انگريزيءَ جهڙي آهي.

4.3.4 ظرف جي بيهڪ: ٻنهي ٻولين ۾ ظرف لاڳاپيل صفت يا فعل ڪان اڳ لاڳو ٿين ٿا.

4.3.5 حرف جر جي بيهڪ: فارسي جملي ۾ حرف جر انگريءَ وانگي سنڌيءَ جي ابتڙ پنهنجي مفعول ڪان اڳ واقع ٿئي ٿو. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ اهو اردو-هنديءَ وانگي مفعول ڪان پوءِ ايندو آهي. جيئن؛ مثلِ عيد = عيدَ جيان ، از زبانِ فارسي= فارسي ٻوليءَ ڪان وغيره.

4.3.6 حرف جملو: ٻنهي ٻولين ۾ حرف جملي جو ڪارج ساڳيو آهي يعني اهي ٻن لفظن يا جملن کي ڳنڍين ٿا.

4.3.7 مِلڪي حرفَ: فارسي جملن ۾ ملڪيت يا پَرزيشن ظاهر ڪرڻ لاءِ اضافه بناوٽ استعمال ٿيندي آهي جنهن مطابق مرڪب اسمن ۾ ابتدائي لفظ جي آخر ۾ /اِ/، /ه/، يا /ي/ نشانيون لڳائجن ٿيون. انهن کي ترتيب وار زير اضافت، "ه" اضافت ۽ "ي" اضافت ترڪيب چئبو آهي. مثال طور؛ مالڪِ خانه، خانه ي دوستم، هوائي تهران وغيره. ۽ سنڌيءَ ۾ گرداني حرف جر "جو" جي مدد سان پزيشن يعني،مالڪي ظاهر ڪبي آهي. ان ڪان علاوه ضميري صفتن ۽ اضافت جي زبر ڪان به ڪم ورتو وڃي ٿو. مثال طور؛ دوست جو گهر، منهنجو ڪتاب، گهرَ ڏٺي وغيره.

## 4.4 رسم الخط

فارسي نستعليق خط ۽ سنڌي نسخ ۽ ديوناگري خطن ۾ استعمال ٿئي ٿي. فارسي الفباي ۾ ٻٽيهه اکر آهن ۽ سنڌي الف-ب ۾ ٻاونجاهه. ٻنهي ٻولين جي صوتيات ۾ س، ص، ث ۽ ز، ذ، ض، ظ ۽ ح/هه اکرن جا ڌار صوتيا نه هوندي به انهن جا سنڌن الفابيٽ ۾ ڌار اکر مقرر ڪيل آهن. سنڌيءَ ۾ فارسيءَ مان اڌاريل /خ/ صوتيي لاءِ لکت ۾ فارسيءَ جو ئي /خ/ اکر استعمال ٿئي ٿو.

## 5. حاصل مطلب (Conclusion)

سنڌي ۽ فارسيءَ جي هن تقابلي لسانياتي اڀياس مان ظاهر آهي ته وڏي هند يورپي لساني خاندان جي مختلف شاخن سان تعلق رکندڙ ٻئي ٻوليون مختلف صوتياتي نظام رکن ٿيون. منجهن ڪافي صرفياتي اختلاف آهي ته سندن نحوي اصول به مختلف آهن. جڏهن ته انهن وچ ۾ صوتياتي ۽ صر

في و نحوي هڪجهڙائي به ملي ٿي. ٻنهي ٻولين جي لِسانياتي تقابل جو اختلاف ۽ اشتراڪ جي حوالي کان اختصار هيٺ ڏجي ٿو.

اختلاف

صوتياتي اختلاف: سنڌيءَ جي ٽيويهه صوتين (اُٺيهه اَسُر ۽ چار سُرَ) جي فارسيءَ ۾غيرموجودگي، سنڌيءَ جو متحرڪلاخر ۽ فارسيءَ جو ساڪن لاخر زبان هئڻ ۽ ڪجهه ٻين صوتي خاصيتن جي اختلاف سان ٻنهي جي صوتيات ۾ چڱو فرق آهي.

صرفياتي اختلاف: سنڌيءَ جي برخلاف فارسيءَ ۾گرامري جنس جي غيرموجودگي، فارسيءَ جي پيٺ ۾ سنڌيءَ جو گرداني زبان هئڻ ۽ سنڌيءَ جي برخلاف فارسيءَ ۾ فعلي واسطن جو نه هئڻ ٻنهي ٻولين جا مکيه صرفياتي اختلاف آهن.

نحوياتي اختلاف: فارسيءَ ۾ فاعل کان پوءِ ۽ مفعول کان اڳ حرف جري فقرا استعمال ڪرڻ سنڌي لفظي ترتيب جي برخلاف آهي. ان کان سواءِ صفت جي بيهڪ ۽ پيٺ ۾ اختلاف هئڻ ۽ حرف جر جي بيهڪ جي ابتڙ هجڻ ۾ ٻئي هڪ ٻئي کان مختلف آهن.

لغوي اختلاف: ٻنهي جي بنيادي لغت پنهنجي ۽ الڳ آهي.

اشتراڪ

صوتياتي هڪجهڙائي: فارسيءَ جا سڀئي (اوڻٽيهه) صوتيا سنڌيءَ ۾ به موجود آهن.

صرفياتي هڪجهڙائي: 1. ٻنهي ۾ متصل ضميرَ استعمال ٿين ٿا. 2. ٻنهي ۾ فعل جون نسبتون (Voices) به آهن. 3. فعلي اسم يا مرڪب فعل ٺاهڻ جو هڪڙو طريقو ٻنهي ۾ هڪجهڙو آهي. 4. حرف جر ٻنهي ۾ يڪ لفظي ۽ گرداني آهن. 5. ٻنهي ۾ اشتقاقي، ترڪيبي ۽ پَدائتي لفظي بناوٽون مشترڪ آهن.

نحوياتي هڪجهڙائي: لفظي ترتيب جي لحاظ کان ٻئي SOV ٻوليون آهن.

لغوي هڪجهڙائي: سنڌيءَ ۾ ڪافي فارسي، عربي اڌاريل لفظي ذخيرو به شامل آهي.

رسم الخطي هڪجهڙائي: ٻنهي جا رسم الخط عربي، فارسي گاڏڙ آهن.

مختصر طور چئي سگهجي ٿو، ته هند يورپي وڏي لساني خاندان سان تعلق جي ناتي فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪافي لسانياتي هڪجهڙايون به آهن ته ساڳي خاندان جي مختلف شاخن، هند ايراني۽ هند آريائي، مان هئڻ ناتي منجهن اختلاف به گهڻا آهن. يعني، ٻنهي ٻولين ۾ اختلاف ۽ ساڳيائپ جو حصو لڳ ڀڳ هڪ جيترو آهي.

## حوالاجات (Reference List)


آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند.1994. 1956. 1966. [1972]. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. ڄامشورو. سنڌ يونيورسٽي.

الانا، (2006). سنڌي ٻوليءَ جو ارتقا. حيدر آباد. سنڌي لينگويج اٿارٽي.

بخاری سهيل.(١٩٩١). اردو زبان کا صوتي نظام اور تقابلي مطالعه. اسلام آباد. مقتدره قومی زبان.

بلوچ، نبي بخش خان. 1962. 1980. [1990]. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ. ڄامشورو. پاڪستان اسٽڊي سينٽر.

جوٽيجو، عبدالجبار. (1980). سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر. پي ايچ ڊي ٿيسز. ڄامشورو.

سيوهاڻي حڪيم فتح محمد . (1969). آفتابِ ادب. ڄامشورو. سنڌي ادبي بورڊ.

لغاری گل حسن، بلتستاني محمد نذير۔ ٢٠٠٣،٢٠٠٧،٢٠٠٩۔ معلم فارسي (کتاب اول) ۔ کراچي۔ خانهء فرهنگ جمهوري اسلامي ا يران۔

، ٢٠٠٣،٢٠٠٧،٢٠٠٩۔ معلم فارسي (کتاب دوئم) ۔ کراچي۔ خانهء فرهنگ جمهوري اسلامي ايران۔

مرزا قليچ بيگ. (1900). سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. ڄامشورو. سنڌي ادبي بورڊ.
www.wikipedia.com/farsi